# سنڌ آرڊيننس نمبر XXVIII مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXVIII OF 2002
# اسٽيمپ (ٽين سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE STAMP (THIRD SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II of 1899

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXVIII مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXVIII OF 2002
# اسٽيمپ (ٽين سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE STAMP (THIRD SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[3 سيپٽمبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي اسٽيمپ (ٽين سنڌ ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| (2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | Short title and commencement |
| 2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾، شيڊول ۾، آرٽيڪل 16 جي ڪالم 2 ۾ لفظن "پنج سيڪڙو" لاءِ لفظ "ٽي سيڪڙو" متبادل ٿيندا. | 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم Amendment of Act II of 1899 |
| **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** | |